○

پوپٽ مڪڙيءَ کي ڳل لائي تنهنجا منهنجا سور سڻائي

تنهنجو ۽ منهنجو افسانو
ورجائي تو سارو زمانو
سونهن اوهانجي پيار اسانجو
سارو جڳ تو ڳائي
پڪي پونڊر گلن کي تنهنجي منهنجي ڳالهه ٻڌائي

چڻنگ ٻري جا چاهه جي دل ۾
باهه لڳائي تنهن محفل ۾
تنهن ۾ منهنجي پورن مان هي
جڳ تو سور پرائي
ساري جڳ جي دل ۾ ڇڏي سين باهه برهه جي لائي

هر ڪنهن جي اک آهي آلي
هر ڪو پئي پورن جي پيالي
تو تي مان سر ڏيان
پروانو شمع تي پاڻ پڇائي
پنهنجي پنهنجي پياري خاطر هر ڪو سر سهسائي

# پيچل ڏانهن



آءُ وري ساڻ اهو چنگ کڻي آءُ

تَن کي تپائي جو اهو تند کي ڏي تاءُ

نغمي جا درياهه اڙي نغمي جا درياهه

قيد ڪنارن جا ڀڃي اڄ ته اُٿل ڪاءُ

سال ٿيا مر لئه سڪيا ساهه رکي چاهه

سانت هئا ساز پڙاڏو هو نه پڙلاءُ

چڻگ لڳي جيڪا پيڙ ٿي ۽ دکي پئي

وارُ ٿئي جيڪو گهڙي دل ۾ ڪري گهاءُ

ساهه ۾ اڄ ٻاهه لڳائڻ جي طلب آهه

ساز جي آواز سان وجهه ڏيهه ۾ ڏهڪاءُ

ڇيڙ ڪڻي ساز سڄڻ ميڙ ڪڻي سِرَ

آهي جي هڪ مگڻو ته دنيائي سڄي راءِ

هونئن ته ڇڙا ڇِت ۾ ٿا ڇڻڪن مگر اڄڪلهه

گيت ڪپڻ جيڪي گهڙي روح ۾ ڪَن گهاءُ

آءُ وري آءُ وري سر جو هٽي داءُ

آءُ وري ساڻ اهو چنگ کڻي آءُ

# مارئي ڏانهن



مارئي جنت مان اڄ پنهنجي وطن ڏي ڪر نظر
جنهنجي لئه حيران رهينءَ تي ڪوٽ ۾ شام و سحر

سون پڌو آهي وطن جي توکي هئي ڏاڍي اڪير
قيد ۾ پئي تي رهينءَ مارن جي الفت جي اسير

هڪڙي ماروءَ تي چيو تو جبر جو سر خم ڪيو
عيد ڪئي حب وطن ظلم و ستم ماتم ڪيو

ڪوٽ جي ديوار ڪان اوچي سنڌءِ حب وطن
حڪمراني ڪان مٿي تنهنجي اسيري ٿا چون

هاءِ صد ارمان سنڌءِ اهل چمن ڪي ڇا ٿيو
سنڌين جي جذبهٔ حبِ وطن ڪي ڇا ٿيو

قوميت آڏو سدا دولت ۽ زر ٿيا شرمسار
هي وطن وڪڻي به چاهن ٿا حصولِ اقتدار

تنهنجي آڏو خود حڪومت جو جهڪي ويو گردن
۽ هنن ڪرسيءَ جي لئه ايمان پئي وڪڻي ڇڏيو

بيڪس و لاچار هوندي پئي رهينءَ تون با ضمير
هي حڪومت هوندي پئي غيرن جا ٿيا آهن اسير

قيد ۾ هوندي به توکي ياد هئي مارن جي ريت
هي وطن ۾ هوندي پئي ڳائن پيا غيرن جا گيت

تنهنجي لوئيءَ جا هي دشمن ۽ هنن جو ٿر سان وير
هي غلام آهن عمر جا تنهنجي لئه آهن هي غير

اڄ هنن جي عيش جون سڀ محفلون برهم ڪيون
اڄ ته پئي گڏجي اسين هن قوم جو ماتم ڪريون

ڏيهہ جي ڏاڙ سان اميدن جا سر ويا ڪانجي
ڏاڍ جي ڏاندن جي پيرن هيٺ ويا چيپاٽجي
تہ بہ اڃا تائين جيئڻ جي آس آھ
زندگيءَ جي راھ ۾

ماڳ ڏي وڌندا رهياسين جهڙپ جهولن جي سهي
پنهنجي عظمت اڪ اُسن سان ٿي ملائيندي رهي
ها اڃا تائين هلڻ جي آس آھ
زندگيءَ جي راھ ۾

پاڻ طوفانن جي ٿي پيٽن ۾ پلندا ٿا رهون
هنس جان سينو ڪڍي لهرن تي لڙهندا ٿا رهون
ها اڃا تائين وَهڻ جي آس آھ
وقت جي هن واھ ۾

جيئڻ پڄڻ جو پهہ ڪيوسين ڪٽي پيڙ پيڙڪي پيا
نيٺ سهٽيءَ جي گهڙي جان ٿي پڄي ٿياسين پڪا
ها اڃا تائين جلڻ جي آس آھ
عشق جي آڙاھ ۾

زندگي چڪتاڻ ڪان مايوس ڪڏهين ٿي نہ آھ
هيرجان هلندي آ هردم پر ڪڏهن ٿڪبي نہ آھ
ها اڃا تائين رهڻ جي آس آھ
وقت جي وڙاھ ۾

كجهہ گهڙين جي لئہ فلڪ كجهہ گهڙين جي لئہ زمين
ڇا خبر جو هي ۽ دم ئي هجي دم آخرين
ڇو نہ كجهہ مرڪي وڃون ڇو نہ كجهہ ڳايون اسين
وقت هي آهي پرين روح ريجهائي وڃون

روح ريجهائي وڃون اڄ تہ كجهہ ڳائي وڃون
پونئر تي مڪڙين مٿان ڦيرا كجهہ پائي وڃون
ماڪ تي گلڙن جو منهن كجهہ تہ چمڪائي وڃون
هير تي گلزار ۾ كجهہ تہ لهرائي وڃون
اڄ تہ لنوَ لائي وڃون موت کان اڳ ۾ سڄڻ

موت کان اڳ ۾ سڄڻ، آس جيئڻ رهجي نہ ڪا
ڇو بهارن ۾ پيلا گل وڃن ڪومائجي

كجهہ گهڙين جي لاءِ تو مينهن سانوڻ جو وسي
كجهہ گهڙين جي لاءِ تو ميوو محبت جو رسي
كجهہ گهڙين لئہ اڪ ڪٽي پيار مان ڪو تو پسي
كجهہ گهڙين جي لاءِ تو نينهن جو نياپو رسي

وقت ٿورو آهي ۽ سو بہ وڃڻو آ پرين
ڇو پيلا روئي رڙي سو وڃايون هيئن اسين

عمر آهي هڪ گهڙي سال ساعت ۾ وڃن
سا گذاريون ڇو سڙي پيار کان پاسو ڪري

وقت جو هي واهہ تو دائما وهندو رهي
تنهنجي ڇولين جو لهي ڪين سگهندو انت ڪو
آئي هڪڙي ڀي وئي آهي بس هي ڇهچٽو
انت ازل جو ناهي ڪو يا ابد جو ڪو پتو
تنهن کان منهن ڦيري نہ ڇو پيار مان توڏي ڏسان

جي گهڻو ويجهو ويس ته زندگيءَ کي او پڙين
جيڪڏهن منهنجون اکيون
زندگيءَ سان چار ٿيون
ان جي اکڙين ۾ نياپو چڻ جيڻ جو هو پڙين
تو جيان پياري هئي
سونهن سو پيا سان پر يل هيءَ زندگي ساري هئي

ساڪ رئندي ته رهي مکڙي رهي ته مرڪندي
اهڙي حالت کي ڏسي
مان پيو آهيان منجهي
مرڪن ۽ لڙڪن جو جڻ ميلاپ آهي زندگي
ڪوئي کلندي ته رئي
اوچنگارون ڏيندي ڏيندي ڪوئي تو مرڪي ڏئي

زندگي تهڪن ۽ سڏڪن جو سڄو مانداڻ آ
يا حقيقت جان ڪڙي
يا چپن وانگر مٺي
خون جي بوءِ آهي يا گلڙن سندي سرهاڻ آ
يا شراب آ زندگي
جنهن ۾ تلخي پي ملي ته ۽ ملي تو لطف پي

٥

روشني دل جي دکن آهي لٽي او سهڻا
رات چوڏهينءَ جي سوا تنهنجي ڦٽي او سهڻا

چنڊ جي سونهن ڏنو ساهه انهيءَ دم سائين
تنهنجي منهن مان تي جڏهن باک ڦٽي او سهڻا

تنهنجي خاطر تي ڏنو مرڪي مون ايئن سورنکي
خشڪ واريءَ ۾ ڪنول جئن پيا ڦٽي او سهڻا

رات جو ڏينهن جو غم ڏينهن جو هئي رات جي تات
عمر ڪٽندي وئي مصيبت نه ڪٽي او سهڻا

عمر پر پئندي، به اڄ ڪين لٿي هٿ منهنجي
ءُ نه مٽي تنهنجي اڪين مان ٿي ڪٽي او سهڻا

هيءَ گهڙي آهي فقط هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ مهمان
جي هٽن مان وئي ڪسڪي ته ڇٽي او سهڻا

هن ڪي انسان ازل ڪان ئي لٽيندو آيو
سونهن جي ڪاڻ نه ڪٽندي نه ڪٽي او سهڻا

پاڻ کي جٺري رکڻ لاءِ وڏا خون ڪيم
مون نڙي پنهنجي اميدن جي گهٽي او سهڻا

مون پنهنجي تن جون تندون ٿي تاڻيون
تارون اگر تيون سازن جون ساڻيون

هڪڙي ٿي سج کي روشن ڪرڻ لءِ
تارن جون ڪيئي شمعون وساڻيون

چپ چاپ ويٺي هڪ ٻئي ڏي ڏسندي
ائين ئي تيون ٿي پنهنجون رهاڻيون

اهڙيون گهڙيون هڪ ساعت نه ترسيون
جيڪي تصور جي پر تي اڏاڻيون

نئون تيندو رهندو هي نينهن هردم
جي ياد ايندڙيون ڳالهيون پراڻيون

تن جي تندن کي جيڪو تپائي
سو ساز آئيون سا تند تاڻيون

ڪرڻن جي تيرن جي وچ ۾ رهندي
گلڙن بهارون مرڪي ٿي ماڻيون

جن کي ٻڌڻ سان شرمائجي وئين
نادان هيون سي تنهنجون ڪهاڻيون

سهڻ وارا هر دم تہ چپ ڪين رهندا
ڪڏهن دل جا دريا تہ اٿلي بہ پوندا

جن آهن دکايون دلين منجهہ دونهيون
انهن جي هٿان ٻئي جهان نيٺ سڙندا

وري هي اکيون آسمان ڏانهن کڄنديون
وري مينهن وسندا وري پاند پسندا

ڦٽن جي چٽڻ ساڻ احساس ويندو
وري سور ملندا وري چاڪ چڪندا

اندر جي اندر ۾ ٿي رهندي سدائين
نڪو سور سلبا نڪو سور لهندا

بهارو اوهان جا ستايل اوهان ڏي
نہ ڏسندا نہ ڏسندا ڪڏهن ڪين ڏسندا

